# بُخار جا فضائل

سنڌي



پيشڪش :
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)

ترجمو :
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: بخار جا فضائل

ڇاپو پهريون: جمادي الآخر 1443هه جنوري 2022ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# بُخار جا فضائل

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

بُخار جا فضائل ........................................ 1
دعاءِعطار ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ................................ 1
بُخار ڪنهن کي چوندا آهن ............................ 2
سيِ کان پھريان بخار ڪنهن کي ٿيو؟ ..................... 2
بُخار ٿيڻ جو هڪ سبب ................................ 4
گُناهن جي بيماري ................................... 4
گُناهه کان وڌيڪ ڪھڙي بيماري آهي ..................... 4
بُخار ۾ فوت ٿيڻ وارو شھيد آهي ........................ 5
جنّت جي 8 دَروازن جي نسبت سان 8 فرامينِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ...... 6
حديث پاڪ پڙهائڻ سان شفا ملي ويندي هئي ................. 7
ڇا ڪڏهن بيمار نه ٿيڻ چڱي ڳالهه آهي؟ .................... 8
مُبارڪ مَرَض ........................................ 8
40 ڏينهن ۾ بيماري نه اچي ته؟ .......................... 8
ڪاڻ خير ويلائي ناهي .................................. 9
رَڳ رَڳ جا گُناهه ..................................... 9
الله وارن جو شان ..................................... 10
خوشبري ٻڌو .......................................... 10
بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ بُخار جي حاضري ..................... 11

انتقال شريف کان پهريان بُخار جي حاضري ........................ 12
مرضِ مبارڪ جي ڪيفيت ........................ 13
7مشڪن جي حڪمت ........................ 14
ست جو عدد ........................ 15
فنافي الرسول، عاشق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي مرض شريف ۾ مشابهت ... 15
تعويذات جي برڪت (واقعو) ........................ 16
هڪ ڏينهن بخار جي فضيلت ........................ 18
موت جا ٽي قاصد ........................ 18
”عافيت سان نواز“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان بُخار جا 11 روحاني علاج .. 21
هڏين سان علاج جا مدني گل ........................ 24

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# بُخار جا فضائل

## دعاءِ عطار

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”بخار جا فضائل“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي بيماري واري حالت ۾ شڪوو ۽ شڪايت ڪرڻ کان بچائي ڪري پنهنجي رضا تي راضي رهڻ جي توفيق عطا فرمائي ڪري بي حساب بخش فرما.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

آفتاب شريعت و طريقت، شهزادهءِ اعليٰ حضرت، حجة الاسلام حضرت مولانا حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا اسلامي علوم جا عالم، عاشقِ شاهِ اَنام، جان نثارِ صحابہ ڪرام، مُحبّ اَوْلياءِ ڪرام ۽ عاشق دُرود ۽ سلام هيا، جڏهن بہ عِلمي ۽ تدريسي اَوقات مان واندڪائي ملندي هئي تہ ذڪر ۽ دُرود شريف ۾ مشغول تي ويندا هيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جسم شريف ۾ ڳڙُ(وڏي ڦرڙي) تي پيو جنهن جو آپريشن ضروري هيو، ڊاڪٽر بيهوشي جي اِنجيڪشن لڳائڻ چاهي تہ مَنع ڪري ڇڏيائون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دُرود و سلام جي ورد ۾ مشغول تي وياء هوش ۽ حواس جي عَالَم ۾ بہ ٽِي ڪلاڪ آپريشن ٿيندو رهيو، دُرود جي برڪت سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪنهن قسم جي تڪليف جو اظهار تيڻ نہ ڏنائون.

(تذکرهٔ مشائخ قادریه رضویه ص485ملخصا) شهزادهءِ اعليٰ حضرت مولانا حامد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه پنهنجي نعتيه ڪتاب ”بياضِ پاڪ“ ۾ لکن ٿا:

شکیبِ دل قرارِ جاں محمد مُصطفٰے تم ہو
طبیبِ دردِ دل تم ہو مرے دل کی دوا تم ہو

غریبوں دَرد مَندوں کی دوا تم ہو دُعا تم ہو
فقیروں بے نَواؤں کی صَدا تم ہو نِدا تم ہو

اَنا مِن حَامِدٍ و حَامِدِ رضا مِنّی کے جلوؤں سے
بحَمْدِاللّٰہ رَضا حامد ہیں اور حامِدِ رضا تم ہو

(بیاضِ پاک،ص13،15)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بُخار ڪنهن کي چوندا آهن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ماهنامہ فيضان مدينہ بمطابق جمادي الأُخري 1438ھ صحفي نمبر 20 تي آهي: بُخار اسان جي جسم ۾ ڪنهن انفيڪشن جي ڪري ٿيندو آهي. جنهن جي سبب جسم جو مُدافعتي نظام (Immune System) متحرڪ ٿي ويندو آهي، ۽ جسم ۾ موجود وائٽ سيل اُن جي خلاف ڪم ڪرڻ شروع ڪندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ جسم جي حرارت جو درجو (Temperature) وڌي ويندو آهي انهيءَ کي بُخار چوندا آهن. جيڪڏهن ٽمپريچر 102 کان مٿي هليو وڃي تہ تيزبُخار ٿيندو آهي.

(ماہنامہ فیضانِ مدینہ جمادی الاخری1438ھ)

## سڀ کان پهريان بخار ڪنهن کي ٿيو؟

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي مڪي مَدَني محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: حضرت نُوح نَجِيُّ الله عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن ٻيڙي ۾ هر شيءِ جا ٻہ جوڙا سوار ڪيا تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي اَصحاب عرض ڪيو: اسان ڪيئن اطمينان سان رهون چو تہ اسان سان

شينهن بہ سوار آهي، لھٰذا اللہ پاڪ شينهن تي بُخار مسلط ڪري ڇڏيو تہ اُن وقت زمين تي پھريون ڀيرو بُخار لٿو، پوءِ ماڻھن ڪُوئي جي باري ۾ عرض ڪيو تہ هي اسان جي ڪاڏي ۽ سامان کي خراب ڪري ڇڏي ٿو، تہ اللہ پاڪ شينهن جي دِل ۾ خيال پيدا فرمايو تہ اُن کي ڇِڪَ آئي ۽ اُنهيءَ مان ٻلي نڪتي جنهن ڪان ڪُوئو ڊڄي ويهي رهيو. (تفسير دُرِّ منثور، 428/4)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اللہ پاڪ جي طرف کان اچڻ واري آزمائش تي رِضاءِ اِلٰھي جي لاءِ صبر ڪرڻ گھرجي ڇو تہ ڪيئي پيرا جسماني بيماريون رحمت خداوندي جو سبب هونديون آهن، ۽ ڪڏھن هن جي ڪري گنھگارن جا گناھ متايا ويندا آهن، حضرت علامہ جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ لکن ٿا: قرآن ڪريم ۾ سيپاري 16 سوره مريم، آيت نمبر 71 ۾ اِرشاد ٿئي ٿو:

وَ اِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ﴿۷۱﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ توھان مان ھر ھڪ دوزخ تان گذرڻ وارو آھي ھيءَ تنھنجي ربّ جي ذمي تي ضروري طئي ٿيل ڳالھ آھي.

هِن آيت جي تفسير ۾ عظيم تابعي بُزرگ، مُفسّر قرآن، حضرت امام مجاهد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: مومن جو دوزخ ۾ وُرود (يعني داخل ٿيڻ مان مراد) اُن جو بُخار ۾ مبتلا هئڻ آهي. (كشف الغمة في فضل الحمى، ص8)

## بُخار ٿيڻ جو هڪ سبب

صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بُخار واري هڪ مريض جي عِيادت فرمائي، مان بہ حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ هيس. پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اُن کي اِرشاد فرمايو: ٽُوکي مبارڪ هجي چو تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: بُخار منهنجي باهہ آهي، مان دُنيا ۾ پنهنجي ٻانهي کي هن ۾ مبتلا ڪندو آهيان تہ جيئن قيامت جي ڏينهن جَهنَّم جي باهہ جو بدلو ٿي وڃي. (ابن ماجه،105/4،حديث:3470)

## گُناهن جي بيماري

صحابي رسول حضرت ابودَرْداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جي مرض (يعني بيماري) ۾ ڪنهن عَرْض ڪيو: اوهان کي ڪهڙو مرض آهي؟ (تہ پاڻ بطور عاجزي) اِرشاد فرمايو: گناهن جو. عرض ڪيو ويو: اوهان ڇا ٿا چاهيو؟ فرمايائون: پنهنجي گناهن جي مَغْفِرَت. ماڻهن عرض ڪيو: ڇا اسان توهان جي لاءِ ڪنهن طبيب (Doctor) کي گهرايون؟ اِرشاد فرمايو: طبيب (يعني الله پاڪ) ئي مون کي بيمار ڪيو آهي. (قوت القلوب ، 36/2)

## گُناهہ ڪان وڌيڪ ڪهڙي بيماري آهي

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! صحابي رسول حضرت ابودَرْداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جي عاجزي ۽ اِنڪساري صَد ڪروڙ مرحبا! هِن روايت ۾ اسان جي لاءِ وڏو دَرس آهي چو تہ اَصل هلاڪ ۽ برباد ڪرڻ واري بيماري ”گُناهن جي بيماري“ آهي، هڪ بُزرگ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ڪنهن شخص کان پڇيو: ”مون کان جدا ٿي ڪري ڪيئن رهين؟“ اُن عرض ڪيو:”صحيح سلامت رهيس“ بُزرگ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمايو: ”جيڪڏهن الله

پاڪ جي نافرماني نہ ڪئي تہ سلامتي سان رهين ۽ جيڪڏهن نافرماني ڪري چڪو آهين تہ گُناهہ کان وڌيڪ کهڙي بيماري آهي، سو جيڪو اللہ پاڪ جي نافرماني ڪري ان لاءِ ڪا سلامتي ناهي“.

(احياء العلوم، 358/4)

يہ تِرا جسم جو بيمار ہے تشويش نہ کر
يہ مَرَض تيرے گناہوں کو مِٹا جاتا ہے
اَصل برباد کُن اَمراض گُناہوں کے ہیں
بھائی کیوں اِس کو فراموش کیا جاتا ہے

(وسائلِ بخشش، ص432)

## بُخار ۾ فوت ٿيڻ وارو شهيد آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جسماني بيماري تہ ڪيئي ڀيرا گُناهن جي معافي ۽ درجن جي بلندي جو سبب بڻجندي آهي، اَفسوس! اسان جسماني بيماري کان بچڻ جون ڪيتريون ئي تدبيرون ڪندا آهيون، ڪاش گُناهن جي مَرض کان بچڻ جي بہ ڪوشش ڪيون، ڪرونا وائرس، ڊينگي وائرس، مليريا، ٽي بي، ڪينسر، فالج جهڙي مهلڪ بيمارين کان ڊڄندا آهيون حالانڪ هِن کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ خطرناڪ بيماري گناهن جي بيماري آهي، گُناهہ ڪرڻ تہ پري جي ڳالھہ، گُناهہ جي باري ۾ سوچڻ کان بہ ڊڄڻ گهرجي تہ جسماني بيماري وڌ ۾ وڌ جان وٺندي جڏهن تہ گُناهن جي بيماري ايمان ضايع ڪري سگهي ٿي، اللہ پاڪ جي رِضا جي لاءِ جسماني بيماري ۾ صبر ڪري اَجر ۽ ثواب بلڪ شهادت جو رُتبو بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو، جيئن حديث شريف ۾ بُخار جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ بُخار ۾ فوت ٿيڻ وارو شهيد آهي.

(ڪنزالعمال،178/2)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بُخار هڪ عام بيماري آهي شايد ئي ڪنهن کي نہ ٿيو هجي. بُخار جي باري ۾ ڪجھ فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهو ۽ بُخار ۾ شڪوو شڪايت ڪرڻ جي بدران الله پاڪ جي رِضا تي راضي رهندي صبر ڪري عظيم الشان اَجر ۽ ثواب جا حق دار بڻجو!

## جنّت جي 8 دَروازن جي نسبت سان 8 فرامينِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

(1) جڏهن ڪو ٻانهو يا ٻانهي مسلسل بُخار ۽ مٿي جي سور ۾ مبتلا هجي ۽ اُن تي اُحد جَبل جي مثل گُناهہ هجن تہ جڏهن بيماري اُن کان جدا ٿيندي آهي تہ اُن جي مٿي تي رائي جي داڻي برابر بہ گُناهہ ناهن هوندا.

(الترغيب والترهيب، 4/151،رقم:67)

(2) جيڪو هڪ رات بُخار ۾ مبتلا ٿئي ۽ اُن تي صبر ڪري ۽ الله سان راضي رهي تہ پنهنجي گُناهن کان ايئن نڪري ويندو آهي جيئن اُن ڏينهن هو جنهن ڏينهن اُن جي ماءُ هن کي ڄڻيو هو.

(شعب الايمان ، 7/167،حديث:9868)

(3) بُخار جهنّم جي جوش مان آهي ۽ هي مومن جو جهنّم مان حصو آهي. (الترغيب والترهيب، 4/153،حديث:83)

(4) بُخار جهنّم جي بَڻِي آهي لهٰذا هن مان جيتري مقدار مؤمن کي پهچي اهو اُن جو جهنّم مان حصو هوندو آهي.

(مسند امام احمد ،8/275،حديث:22227)

(5) الله پاڪ هڪ رات جي بُخار جي سبب مؤمن جا تمام پويان گُناهہ

مٿائي ڇڏيندو آهي. (الترغيب والترہيب ،4/153،حديث:78)

(6) جيستائين بُخار ۾ مبتلا شخص جي پير ۾ سور رهندو آهي ۽ اُن جي رَڳ ڦڙڪندي رهندي آهي، اُن کي ان جي بدلي نيڪيون ملنديون رهنديون آهن. (جنت میں لے جانے والے اعمال،ص616)

(7) مؤمن ٻانهي کي جڏهن لُڪَ لڳندي آهي يا بُخار ٿيندو آهي ته اُن جو مثال اُن لوهه وانگر هوندو آهي جنهن کي باهه ۾ وڌو ويو ته باهه اُن جي ڪَٽ لاهي ڇڏي ۽ سٺرائي باقي رکي. (مستدرک ،4/536،حديث:5880)

(8) بُخار کي بُرو نه چئو انهيءَ ڪري جو هي ته گُناهن کان اهڙي طرح پاڪ ڪري ڇڏي ٿو جهڙي طرح باهه لوهه جي مِيَر کي لاهي ڇڏي ٿي.

(ابن ماجه ،4/104،حديث:3469)

## حديث پاڪ پڙهائڻ سان شفا ملي ويندي هئي

حضورِ محدث اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري اِرشاد فرمايو: جڏهن ماڻهو بيمار ٿيندا آهن، بخار يا مٿي جو سور ٿيندو آهي ته هو دواء ڪائيندا آهن، پر مون کي تڪليف ٿيندي آهي ته مان حديثِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهائيندو آهيان جنهن سان مون کي آرام اچي ويندو آهي. ( حيات محدث اعظم، ص153)

جس کو مرضِ عشق نہیں ہے وہ ہے بیمار　　اچھا تو وہی ہے جو ہے بیمار تمہارا
ہر وقت ترقی پہ رہے دَردِ محبت　　چنگا نہ ہو مولیٰ کبھی بیمار تمہارا
(قبالہ بخشش،ص47)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا ڪڏهن بيمار نہ ٿيڻ چڱي ڳالهہ آهي؟

صحابي رسول حضرت اَبُوالیَقظان عمّار بن ياسر رضی اللہ عنہ جي اِرد گرد ڪجھ ماڻھو حلقو ٺاهي ويٺا هئا، بيماري جو تذڪرو ٿيو تہ هڪ ڳوٺاڻي فخريہ انداز ۾ چيو: مان تہ ڪڏهن بيمار ناهيان ٿيو. اهو ٻڌندي ئي پاڻ فرمايائون: تُون اسان مان نہ آهين ڇوتہ ڪامل ايمان وارن ڪي مصيبتن جي ذريعي آزمايو ويندو آهي، ۽ اُن جا گُناھ اهڙي طرح ڇڙندا آهن جهڙي طرح وڻ جا پَن ڇڻندا آهن. (شعب الايمان،178/7، حديث:9913)

## مُبارڪ مَرَض

منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡه ارشاد فرمائن ٿا: متي جو سور ۽ بُخار اهي مُبارڪ مَرَض آهن جيڪي اَنبياءِ (ڪرام) عَلَیهِمُ السَّلَام کي ٿيندا هئا.

(ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص118)

## 40 ڏينهن ۾ بيماري نہ اچي تہ؟

اي عاشقانِ رسول! سرڪارِ اعليٰ حضرت اَحمد رَضا خان رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: جسم جي حق ۾ ڪڏهن ڪڏهن هلڪو بُخار، زڪام، متي جو سور ۽ ان جهڙا هلڪا مَرَض آفت ناهن، نعمت آهن بلڪ انهن جو نہ هئڻ آفت آهي مردانِ خدا تي جيڪڏهن چاليھ ڏينهن گذرن ۽ ڪا علّت و قلّت نہ پهچي (يعني بيماري ۽ پريشاني نہ اچي) تہ اِستغفار ۽ اِنابت فرمائيندا آهن (يعني توبہ ڪندا ۽ رجوع ڪندا آهن تہ) ڪٿي واڳ ڍَري نہ ڪئي وئي هجي(يعني جهڙي طرح نافرمانن کي گناهن جي ڪري ڍَرَ ڏني ويندي آهي، ڪٿي اهڙو معاملو اسان سان نہ ٿئي)

(فضائل دعا،ص173)

## ڪاٻہ خير وڀلائي ناهي

اي عاشقانِ اولياء! اسان جي بُزرگانِ دين رَحِمَہُمُ اللہُ عَلَیۡہِم جو طريقو اهو هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪنهن سال جان يا مال تي مصيبت نہ ايندي هئي تہ گهبرائي چوندا هئا: ”مؤمن کي هر 40 ڏينهن ۾ ڪو نہ ڪو گهبرائيندڙ معاملو يا آزمائش ضرور پهچندو آهي“ حضرتِ ضَحّاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ چون ٿا: جيڪو شخص چاليهہ راتن ۾ هڪ رات ۾ بہ ڏک ۽ تڪليف ۾ گرفتار نہ ٿيو هجي، اللہ پاڪ وٽ اُن جي لاءِ ڪا خير ۽ ڀلائي ناهي. (مڪاشفۃ القلوب،ص15)

وہ کہ آفات میں مبتَلا ہیں جو گرفتارِ رنج و بلا ہیں
فضل سے اُن کو صبر و رِضا کی میرے مولیٰ تو خیرات دے دے
(وسائل بخشش،ص125)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رَڳ رَڳ جا گُناهہ

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: هر هڪ مَرض يا تڪليف جسم جي جنهن مَوضِع (يعني جڳهہ) تي هوندي آهي اهو وڏيڪ ڪفارو انهيءَ جڳهہ جو آهي، جنهن جو خاص تعلق اُن سان آهي پر بُخار اهو مَرض آهي جو سڄي جسم ۾ سرايت ڪري ويندو آهي جنهن سان بِاِذۡنِہٖ تعاليٰ (يعني اللہ پاڪ جي حڪم سان) تمام رَڳ رَڳ جا گناهہ ڪڍي ڇڏيندو آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! جو مون کي اڪثر گرمائش ۾ مٿي جو سور رهندو آهي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص119)

## اللّٰه وارن جو شان

امام ابوطالب مکي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ عارِف (يعني اللّٰه پاڪ جي سڃاڻ رکڻ وارو بُزرگ) فرمائي ٿو ته منهنجي دل سڀ کان وڌيڪ پاڪ اُن وقت ٿيندي آهي جڏهن مون کي بُخار ٿيندو آهي. (قوت القلوب ، 37/2)

ايئن ئي هڪ اهلُ اللّٰه جو مقُولو (چوڻي) آهي: نَحنُ نَفرَحُ بِالْبَلَاءِ كَمَايَفرَحُ اَهْلُ الدُّنيَا بِالنِّعَمِ يعني اسان بَلائن ۽ مصيبتن جي ملڻ تي ايئن ئي خوش ٿيندا آهيون جيئن اَهلِ دُنيا دُنياوي نعمتون هٿ اچڻ تي خوش ٿيندا آهن، ياد رهي! مصيبت ڪڏهن مومن جي حَق ۾ رحمت هوندي آهي ۽ صبر ڪري عظيم اَجر ڪمائڻ ۽ بي حساب جنّت ۾ وڃڻ جا موقعا فراهم ڪندي آهي.

چُپ کر سَہیں تاں موتی مِلسن، صبر کرے تاں ہیرے
پاگلاں وانگوں رولا پاویں ناں موتی ناں ہیرے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خوشبري ٻڌو

حضرت بي بي اُمِّ مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مان سخت بُخار جي ڪري ڏکي رهي هيس ته مون وٽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف کڻي آيا ۽ اِرشاد فرمايو: اي اُمِّ مالڪ! توکي ڇا ٿيو؟ مون عرض ڪيو: اُمِّ مِلْدَم، (هي بُخار جي ڪنيت آهي) اللّٰه پاڪ جيڪو ڪيو سو ڪيو، اللّٰه پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمايو: اي اُمِّ مالڪ! بُخار کي بُرو نه چئو، ڇو ته اللّٰه پاڪ هِن جي سبب ٻانهي جي گناهن

ڪي ايئن ڪيرائيندو آهي جيئن وڻ مان پَن ڪِرندا آهن. (کشف الغمة فی فضل الحمی ،ص8)

## بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ بُخار جي حاضري

مسلمانن جو ٻيو خليفو حضرت عمر فاروقِ اعظم هڪ ڀيري بارگاهِ رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ حاضر ٿيا ته رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ بُخار شريف آيل هو، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي پنهنجو هٿ رکيو ته يڪدَم سخت گرم هئڻ جي ڪري ڪٽي ورتو ۽ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ توهان کي ته شديد بُخار آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمايو: مان اجوڪي ڏينهن يا ڪالهوڪي رات ۾ ستر (70) اهڙي سورتن جي تلاوت ڪئي آهي جنهن ۾ سَبعِ طِوال[1] هيون. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! بيشڪ الله پاڪ توهان جي صدقي توهان جي اڳين پوين جا گُناهه معاف ڪري ڇڏيا آهن، لهٰذا توهان پنهنجي مٿان نرمي فرمايو. رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمايو: ڇا مان پنهنجي رب جو شڪر گذار ٻانهو نه ٻڻجان؟
(کشف الغمة فی فضل الحمی للسیوطی،ص16)

هڪ روايت ۾ آهي: حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته مان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي بُخار هيو مون پنهنجي هٿ سان جسمِ اَطهر کي ڇُهِي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اوهان کي به بُخار تمام گهڻو سخت ايندو آهي ڇا؟ ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون کي

---

1...سورة البقرة ، آل عمران ، النساء ، المائدة، الانعام، الاعراف ، الانفال ، التوبة ، هي اٺ سورتون سبع طوال چورائيندیون آهن، الانفال ۽ التوبہ جي وچ ۾ بسم الله نه هجڻ ڪري اُن کي هڪ شمار ڪيو ويو آهي. علميه

توهان جي ٻن ماڻھن جي برابر بُخار ٿيندو آھي. مون عرض ڪيو: ھي اُن ڪري ھوندو تہ حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ثواب بہ ٻيڻو آھي؟ فرمايو: ھا. پوءِ فرمايو: ڪو بہ اھڙو مُسلمان ناھي جنھن کي ڪا تڪليف بيماري وغيره پُھچي مگر الله پاڪ اُن جا گُناھ ايئن ڇاڻي ڇڏيندو آھي جيئن وڻ پنھنجي پَنَن کي. (بخاری،9/4،حدیث:5660)

حضرت مفتي احمد يار خان ھِن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ غلام آقا جي مُزاج پُرسي بہ ڪري ۽ اُن جي جسم کي ھٿ بہ لڳائي. حديث شريف جي ھِن حصي **”ھي اُن ڪري ھوندو تہ حضور جو ثواب بہ ٻيڻو آھي؟“** جي حوالي سان فرمائن ٿا: ھي آھي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جو اَدب ۽ اِحترام يعني يارسول الله! ھي تہ وھم بہ نہ ڪري سگھجي تہ اوھان جي بيماري خطائن جي معافي جي لاءِ ھجي اوھان کي گُناھ ۽ خطا سان نسبت ڪھڙي اوھان جي بيماري صرف درجات جي بلندي جي لاءِ ٿئي سگھي ٿي، ھن مان معلوم ٿيو تہ جن شين سان گنھگارن جا گُناھ معاف ٿيندا آھن انھن سان نيڪوڪارن (يعني الله پاڪ جي نيڪ ٻانھن) جا درجا وڌندا آھن. (حديث ۾) مسلمان مان مراد گنھگار مسلمان آھن. (مرآۃ المناجیح، 2/ 410-411)

## انتقال شريف کان پھريان بُخار جي حاضري

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مَدَني، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مرض جي مدت (انتقال شريف کان پھريان) ٻارھن ڏينھن ھئي ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو بُخار شريف مٿي جي سُور جي سبب ھو. حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما فرمائن ٿا: جڏھن حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي سورهءِ نصر.

إِذَا جَآءَ نَصۡرُ ٱللَّهِ وَٱلۡفَتۡحُ ۝١

نازل ٿي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايو مون کي منهنجي انتقال جي خبر ڏني وئي آهي. (سنن الدارمی، المقدمۃ، باب فی وفاۃ النبی صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، 51/1، حديث: 79) پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بي بي عائشه رَضِىَ اللهُ عَنۡهَا وٽ اهڙي حالت ۾ تشريف کڻي آيا جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بُخار هو. (مرض مُبارڪ جي ڏينهن ۾) جان نثار صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جڏهن پنهنجي دِلين جي چين رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بغير نماز ادا فرمائي رهيا هئا ته يادِ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ شديد روئڻ شروع ڪري ڇڏيو، جنهن کي ٻڌي ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا گهري: يا الله! بُخار تي مقرر فرشتي کي حڪم ڏي ته تنهنجي نبيءَ تي هلڪو ٿي وڃي ته جيئن مان ٻاهر وڃي ڪري ماڻهن کي نماز پڙهايان ۽ دُنيا ڇڏڻ کان پهريان پنهنجي صحابہ کي ”اَلوداع“ چوان. (دُعا جو اثر فوراً ظاهر ٿيو ۽) پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي (مبارڪ) جسم ۾ بُخار جي ڪمي محسوس ڪئي ۽ وُضو فرمائي ڪري حضرت فضل بن عباس، حضرتِ اُسامہ بن زَيد ۽ حضرتِ علي المرتضيٰ رَضِىَ اللهُ عَنۡهُم جو سهارو وٺي گهر کان ٻاهر تشريف کڻي آيا. (الروض الفائق، ص261)

## مرضِ مبارڪ جي ڪيفيت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مَدَني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انتقال شريف جي مرض مبارڪ جي شروعات مٿي مبارڪ جي سور شريف سان ٿي ۽ ظاهر هي آهي ته مٿي جو سور بخار سان گڏ هو جو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مرض ۾ بُخار شديد ٿي ويو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طَشت (يعني وڏي

ٽانوَ) ۾ تشريف فرما ٿيندا ۽ ڪين تي ستن مشڪن جو پاڻي وڌو ويندو هو، پياري آقاصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پاڻي مان ٿڌاڻ محسوس ڪندا هئا، پاڻ ڪمبل شريف ويڙهيل هوندا هئا، جيڪو سندن (جسم) تي هٿ رکندو هو اُن کي ڪمبل شريف جي مٿان ڪين بُخار شريف جي گرمي محسوس ٿيندي هئي، جنهن جي باري ۾ پڇيو ويو ته فرمايائون: اسان تي ايئن ئي تڪليف سخت ٿيندي آهي ۽ اسان لاءِ اَجر وڌايو ويندو آهي ۽ فرمايو: مون کي اهڙو بُخار ايندو آهي جهڙو توهان جي ٻن مردن کي ايندو آهي.

(ابن ماجہ، 370/4، حديث:4024، بخاری،155/3،حديث:4442، بخاری،5/4،حديث:5648 ماخوذا)

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بي بي عائشہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا فرمائن ٿيون: مون نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان وڌيڪ سخت مرض ۾ ڪنهن کي نه ڏٺو. (يعني حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هر بيماري، درد، بخار شريف وغيره ٻين جي بيمارين کان وڌيڪ سخت هوندي هئي. (مِراٰة، 411/2)

## 7مشڪن جي حڪمت

شارحِ بُخاري حضرت علامہ غلام رسول رضوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ حديثِ پاڪ جي هن حصي(پاڻ ڪريمصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ وڏي ٽانوَ ۾ تشريف فرما ٿيندا ها ۽ سندن تي ست مشڪن جو پاڻي وِڌو ويندو هو) جي شرح ۾ لکن ٿا: سَرورِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي جنهن ٽانوَ ۾ ويهاريو ويو اهو شايد ڪاٺ جو هو ۽ پاڻ اهو (پاڻي) انهيءَ ڪري طلب فرمايو هئائون جو مريض تي جڏهن ٿڌو پاڻي وهايو وڃي ته ڪجھ مرضن ۾ اُن جي طاقت بحال ٿي ويندي آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مشڪيزن ۾ اهو شرط رکيو ته ان جا منهن نه ڪليل هجن ڇوته هٿن جو پاڻي سان

نہ لڳڻ جي ڪري پاڻي صاف و شفاف ٿيندو آهي ۽ ست مشڪيزه انهيءَ ڪري فرمايائون جو ستن جي عدد ۾ برڪت آهي.
(تفہیم البخاری، 461/1بتغیر)

## ست جو عدد

سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ست جو عدد افضل عددن مان آهي. (فتاویٰ رضویہ، 232/6) ۽ ست جي عدد ۾ نقصان ۽ مصيبت کي پري ڪرڻ جو هڪ خاص تاثير آهي. (فتاویٰ رضویہ، 183/24)

هڪ ٻئي مقام تي فرمائن ٿا: ست جي عدد ۾ حڪمت ۽ راز اهو آهي تہ هن ۾ زهر ۽ جادو جي نقصان کي پري ڪرڻ جو خاص تاثير آهي. حديثِ پاڪ مان ثابت آهي تہ جيڪو شخص صبح سَوير ست عجوه کجور کائي تہ ان کي اُن ڏينهن زهر ۽ جادو کان نقصان نہ پهچندو. (بخاری،540/3،حدیث:5445،فتاویٰ رضویہ،183/24ملتقطا)

سات پردوں میں نظر اور نظر میں عالم	کچھ سمجھ میں نہیں آتا یہ معما تیرا

(ذوق نعت،ص20)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!	صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فنافي الرسول، عاشقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مرض شريف ۾ مشابهت

مسلمانن جي پهرين خليفي، عاشق اڪبر حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وفات (شريف) جو اصلي سبب حضورِ انور سيدعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وصال (شريف) آهي جنهن جو صدمو آخري ساه تائين سندن دل مبارڪ مان گهٽ نہ ٿيو ۽ اُن ڏينهن کان وٺي سندن

جسم شريف ڳرندو ۽ سنهو ٿيندو ويو. 7 جمادي الاخري 13 ھ سومر شريف تي ڪين غسل فرمايو، ڏينهن ٿڌو هو، بخار اچي ويو. صحابہ ڪرام عيادت جي لاءِ آيا. عرض ڪرڻ لڳا: اي خليفۂ رسول (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ و رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ) اجازت هجي تہ اسان طبيب کي سڏي اچون جيڪو اوهان جي (طبيعت) کي ڏسي. فرمايائون تہ طبيب تہ مون کي ڏسي ورتو آهي. انهن چيو تہ پوءِ طبيب ڇا چيو؟ فرمايائون تہ اُن چيو: اِنِّيْ فَعَّالٌ لِّمَا اُرِيْدُ يعني مان جيڪو چاهيندو آهيان ڪندو آهيان. مُراد اها هئي تہ حڪيم الله پاڪ آهي اُن جي مرضي کي ڪو بہ ٽاري نٿو سگهي، جيڪا مشيّت آهي ضرور ٿيندي. پندرهن ڏينهن جي علالت(شريف) کان بعد 22جمادي الآخر 13 هجري اڱاري جي رات تي 63 سال جي عُمر ۾ هن فاني دنيا مان رحلت فرمايائون. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ (سوانحِ ڪربلا، ص49) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

بھٹک سکتے نہیں ہم اپنی منزل ٹھوکروں میں ہے
نبی کا ہے کرم اور رہنما صدّیقِ اکبر ہیں
(وسائل بخشش،ص567)

## تعويذات جي برڪت (واقعو)

منقول آهي: هڪ شخص کي بخار ٿي پيو، سندس استادِ محترم حضرت شيخ عمر بن سعيد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عيادت ڪرڻ لاءِ تشريف ڪٺي آيا، وڃڻ وقت ڪيس هڪ تعويذ ڏيندي فرمايائون تہ هن کي کولي نہ

ڏسجانءِ سندن وڃڻ کان پوءِ ان تعويذ ٻَڌي ڇڏيو، فوراً بخار لهي ويو، ان کان صبر نہ ٿي سگهيو، سو تعويذ کولي جو ڏٺائين تہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هئي. دل ۾ وسوسو آيس تہ هي تہ کو بہ لکي سگهي ٿو. عقيدت ۾ گهٽتائي ايندي ئي فوراً بخار موٽي آيو، گهٻرائجي سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي مُعافي گهريائين. انهن تعويذ ٺاهي پنهنجي هٿ مبارڪ سان ڪيس ٻَڌي ڇڏيو بخار يڪدم لهي ويو. هن ڀيري ڏسڻ کان منع نہ ڪيائون پر هن خوف کان کولي نہ ڏٺو. آخرڪار پوري سال کان پوءِ جڏهن کولي ڏٺائين تہ اها ئي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هئي. **اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي- اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! واقعي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جون وڏيون برڪتون آهن ۽ هن ۾ بيمارين جو علاج بہ آهي. هن حڪايت مان درس مليو تہ بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم جيڪڏهن ڪنهن جائز ڳالهہ کان بہ روڪين تہ سمجهہ ۾ نہ اچڻ جي باوجود بہ ان کان بچڻ گهرجي، اهو بہ درس مليو تہ تعويذ کولي نہ ڏسڻ گهرجي جو ان سان يقين ۾ گهٽتائي اچڻ جو انديشو رهندو آهي، ٻيو هي تہ ان کي ويڙهڻ جي خاص طريقي سان ڳنڍوڳنڍ ويڙهڻ جي دوران ڪڏهن ڪجهہ پڙهيل بہ هوندو آهي، تنهنڪري کولي ڏسڻ سان ان جي فائدي ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ ڏينهن بخار جي فضيلت

مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن کي بُخار ٿيو اُن هڪ ڏينهن بُخار کي لڪايو تہ اللّٰه پاڪ اُن کي گناهن کان اهڙي طرح ڪيندو آهي جيئن ماءُ جي پيٽ مان ڪڍيو هو ۽ ان جي لاءِ جهنم جي باھ کان آزادي لکي ڇڏيندو ۽ اُن جي پرده پوشي فرمائيندو جيئن دنيا ۾ اُن اللّٰه پاڪ جي طرفان ملڻ واري بلا(يعني بيماري) کي لڪايو هو. (موسوعة ابن ابی الدنیا ،293/4)

وہ کہ آفات میں مبتَلا ہیں — جو گرفتارِ رنج وبَلا ہیں
فضل سے اُن کو صبر و رِضا کی — میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

(وسائل بخشش،ص125)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## موت جا ٽي قاصد

اللّٰه پاڪ جي پياري نبي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت عزرائيل مَلَڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام جي پاڻ ۾ دوستي هئي. هڪ پيري جڏهن حضرت ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام آيا تہ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام پڇيو: اوهان ملاقات جي لاءِ آيا آهيو يا روح قبض ڪرڻ جي لاءِ؟ عرض ڪيائين: ملاقات جي لاءِ. فرمايائون: مون کي وفات ڏيڻ کان پهريان مون وٽ پنهنجا قاصد موڪلجو. ملڪ الموت چيو: مان اوهان وٽ ہہ يا ٽي قاصد موڪليندس. جيئن تہ جڏهن روح قبض ڪرڻ جي لاءِ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام آيا تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ارشاد فرمايو: اوهان کي منهنجي وفات کان پهريان قاصد موڪلڻا ها اهي ڇونہ موڪليا؟

حضرتِ ملڪ الموت عَلَيه السَّلَام چيو: ڪارن وارن کان پوءِ سفيد وار، جسماني طاقت کان بعد ڪمزوري ۽ سڌي چيلھ کان بعد چيلھ جو جُھڪي وڃڻ، اي يعقوب(عَلَيه السَّلَام) موت کان پھريان انسان جي طرف اھي منھنجا قاصد ٿي ته آھن. (مڪاشفة القلوب، ص21)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته موت اچڻ کان اڳ ۾ ملڪ الموت عَلَيه السَّلَام پنھنجا قاصد موڪليندو آھي. بيان ڪيل ٽن قاصدن کان علاوه به احاديثِ مبارڪ ۾ وڌيڪ قاصدن جو ذڪر ملي ٿو. جيئن ته مرض، ڪنن ۽ اکين جو بدلجڻ(يعني پھريان نظر تيز ھجڻ بعد ۾ ڪمزور ٿيڻ ۽ ٻڌڻ جي طاقت جي درستي کان بعد بوڙائپ جو اچڻ) به موت جا قاصد آھن. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بخار موت جو قاصد آھي ۽ اھو زمين ۾ الله پاڪ جو جيل آھي جنھن ۾ الله پاڪ پنھنجي ٻانھي کي جيستائين چاھيندو آھي قيد ڪندو آھي پوءِ اُن کي ڇڏي ڏيندو آھي. (موسوعة ابن ابی الدنيا، 4 / 244ملتقطا) اسان مان ڪيئي ماڻھو اھڙا ھوندا جن وٽ ملڪ الموت عَلَيه السَّلَام جا قاصد اچي چڪا ھوندا پر ڇا چئجي ھن غفلت جو! جيڪڏھن ڪارن وارن کان بعد اڇا وار ٿيڻ لڳندا آھن حالانڪ ھي موت جو قاصد آھي پر ٻانھو پنھنجي دل کي آٿت ڏيڻ جي لاءِ چوندو آھي ته ھي ته نزلي زڪام جي سبب وار اڇا ٿي ويا آھن! انھيءَ طرح بيماري جيڪا موت جو واضح قاصد آھي پر ھن ۾ سراسر غفلت ڪئي وڃي ٿي حالانڪ ”بيماري“ ئي جي ڪري روزانو بيشمار ماڻھو موت جو شڪار ٿين ٿا! مريض ته تمام گھٽو موت کي ياد ڪري چوته ڪھڙي خبر جيڪا بيماري معمولي لڳي رھي

آهي اها ئي هلاڪت ڪندڙ شڪل اختيار ڪري گهڙي ڪن ۾ موت جي بستر تي پيڙو ڪري ڇڏي پوءِ پنهنجا روئن رڙن ۽ دشمن خوشيون ملهائن ۽ مرڻ وارو موت کان غافل مريض انڌيري قبر ۾ پهچي وڃي! افسوس! هاڻي مرڻ وارو هوندو ۽ اُن جا چڱا بُرا عمل. الله پاڪ سورت توبه آيت نمبر 126 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اَوَلَا يَرَوْنَ اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ فِيْ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوْبُوْنَ وَلَا هُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۱۲۶﴾

(پ11،سوره توبه آيت126)

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا اهي هي نٿا ڏسن جو اُنهن کي هرسال هڪ يا ٻه ڀيرا آزمايو وڃي ٿو پوءِ (ٻه) اُهي نه توبه ڪن ٿا ۽ نه ئي نصيحت مڃن ٿا.

حجة الاسلام امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن آيت جي تفسير ۾ چيو ويو آهي ته آزمائڻ مان مراد بيمارين ۾ مبتلا ڪرڻ آهي. (هڪ ٻئي مقام تي فرمائن ٿا:) بخار موت جي ياد ڏياري ۽ عمل ڪرڻ ۾ سستي کي پجائي ٿو. (احياء العلوم، 358/4)

افسوس صد ڪروڙ افسوس! هاڻ ته ڪيئي اسپتالن جي واردن ۾ مريضن کي سُڪون ڏيڻ جي ارادي سان طرح طرح جا گناهن ڀريا چينلز ۽ موسيقي سان ڀرپور منظر ڏيکاريا ويندا آهن ته جيئن هن طرح مريض جو ڌيان هٽندو رهي ۽ سڪون ملي، انهيءَ طرح جي ڪجھ ماڻهن جو نعرو آهي موسيقي روح جي غذا آهي، نه نه! هي ڪنهن غيرمُسلم ۽ بُري طبيعت واري

ماڻهو جي روح جي غذا تہ ٿئي سگهي ٿي پر الله پاڪ ۽ اُن جي پياري رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي مڃڻ واري ڪامل مؤمن جي غذا نہ ٿي ٿئي سگهي. جيڪڏهن اوهان ڪي روح جي غذا گهرجي تہ اچو مان تو ٻڌايان تہ روح جي غذا ڪهڙي آهي ۽ اها ڪيئن ملندي الله پاڪ سيپاري 13سورهٔ رعد، آيت نمبر28 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: ٻڌو! الله جي ئي ياد ۾ دلين جو آرام آهي. |

هاڻي هڪ مسلمان جي لاءِ سوچڻ جي ڪا گنجائش باقي نٿي رهي، ڇوتہ هر مُسلمان جو قرآنِ ڪريم جي هڪ هڪ حرف تي ايمان آهي. ۽ جيڪو قرآنِ ڪريم فرمايو اهو حق، حق ۽ بلڪل حق آهي. ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ ٻُڌائڻ شيطاني ڪم آهن، سعادت مند مُسلمان هنن شين جي ويجهو بہ ناهن ويندا.

## ”عافيت سان نواز“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان بُخار جا 11 روحاني علاج

(1) اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”سورهٔ مُجادلہ“ جيڪا اناويهين سيپاري جي پهرين سورت آهي، عصر کان بعد ٿي ڀيرا پڙهي ڪري پاڻي تي دم ڪري (بُخار واري کي) پياريو. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص325)

(2) بُخار وارو ڪثرت سان بِسۡمِ اللّٰهِ الۡكَبِيۡرِ پڙهندو رهي. (بيمارعابد،ص25)

(3) گرمي جو بخار هجي تہ يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ 47 دفعا لکي (يا لکرائي) پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ڳلي ۾ پائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه هر قسم جي بُخار کان نجات ملندي. (بيمارعابد،ص25)

(4) يَا غَفُوْرُ ڪاغذ تي ٽي پيرا لکي (يالکرائي) پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ڳلي ۾ پائي ڇڏيو يا ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه هر قسم جي بُخار کان نجات ملندي.(بيمارعابد،ص25)

(5) لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 30 پيرا ڪاغذ تي لکي پاڻي جي بوتل ۾ وجهي مريض کي ڏينهن ۾ ٽي پيرا ٿورو ٿورو پاڻي پياريو اِنْ شَآءَاللّٰه بُخار لَهي ويندو، ضرورت موجب وڌيڪ پاڻي شامل ڪندا رهو. (مدت علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين) (بيمارعابد،ص25)

(6) لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّلَا زَمْهَرِيْرًا ﴿۱۳﴾ (پ29 سورة الدهر آيت 13)

(ترجمو ڪنزالعرفان: نہ ان ۾ اُس ڏسندا نہ اُن ۾ سخت سردي.) هيءَ آيت سڀڳوري ست پيرا (اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف) پڙهي دم ڪريو، ان شاءَ الله بخار جي شدت ۾ واضح گهٽتائي محسوس ٿيندي ۽ مريض سُڪون محسوس ڪندو.

(7) امام جعفر صادق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: سورة الفاتحه **40** پيرا (اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري بخار واري جي منهن تي ڇنڊا هڻو ان شاءَ الله بخار لهي ويندو.

(8)**سرڪارِ نامدار،** مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي بخار هيو تہ **حضرتِ جبريل امين** عَلَيْهِ السَّلَام **هي دعا پڙهي** دم ڪيو هيو:

بِسْمِ اللهِ اَرْقِيْكَ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ يُّؤْذِيْكَ مِنْ شَرِّ كُلِّ نَفْسٍ اَوْ عَيْنٍ حَاسِدٍ اَللهُ يَشْفِيْكَ بِسْمِ اللهِ اَرْقِيْكَ.

**ترجمو:** ”الله پاڪ جي نالي سان اوهان تي دم ڪريان ٿو، هر ان بيماريءَ جي لاءِ جيڪا توهان کي تڪليف ڏئي ٿي هر نفس جي برائي کان يا هر حسد (ساڙ) واري نظرکان، الله پاڪ توهان کي شفا عطا فرمائي، مان توهان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان دم ڪيان ٿو.“ (صحيح مسلم ص 1202 رقم الحديث 2186) بخار جي مريض کي فقط عربي ۾ دعا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري دم ڪريو.

(9) بخار ۾ مبتلا شخص هي دعا پڙهي:”بِسْمِ اللهِ الْكَبِيْرِ اَعُوْذُ بِاللهِ الْعَظِيْمِ مِنْ شَرِّ كُلِّ عِرْقٍ نَعَّارٍ وَّمِنْ شَرِّ حَرِّ النَّارِ“ ترجمو: ڪبريائي واري الله پاڪ جي نالي سان مون هر جوش هٽندڙ رڳ جي بُرائي کان ۽ باه جي تپش جي شر کان، عظمت واري ربّ جي پناه چاهيان ٿو.

(ترمذي،20/4، حديث: 2082 )

(10) **حديثِ پاڪ** ۾ آهي: جڏهن توهان مان ڪنهن کي بخار اچي وڃي تہ ان تي ٽن ڏينهن تائين صبح جي وقت ٿڌي پاڻي جا ڇنڊا هنيا وڃن. (مستدرڪ للحاڪم، 258/9، حديث: 7626)

(11) **حديثِ پاڪ** ۾ آهي : بخار جهنم جي جوش مان آهي، هن کي پاڻي جي ذريعي ٿڌو ڪيو. ( بخاري،396/2،حديث:3263)

حضرت مفتي احمديارخان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي فرمان جو خلاصو آهي: اهل عرب کي اڪثر”صفّراوي بخار“ ايندا هئا جن ۾ غسل فائديمند هوندو آهي. اسان کي چوته عجمي يعني غيرعرب آهيون. ماهر طبيب جي مشوري کان بغير غسل جي ذريعي بُخار جو علاج نه ڪرڻ گهرجي چوته اسان کي اڪثر اهي بخار ٿيندا آهن جن ۾ غسل نقصان ده آهي، هن سان نمونيه جو خطرو ٿيندو آهي. حضرت علامه علي قاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ شخص حديث پاڪ جو ترجمو پڙهي بُخار ۾ غسل جي ذريعي علاج ڪيو ته اُن کي نمونيه ٿي ويو ۽ وڏي مشڪل سان اُن جي جان بچي پوءِ هُو حديثِ پاڪ ئي جو منڪر ٿي ويو، حالانڪ اُها اُن جي پنهنجي جهالت هئي.

(مرآة المناجيح،2/429-430)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان هي به سکڻ جي لاءِ مليو ته عوام کي ترجمي سان گڏوگڏ تفسيرِ قرآن ۽ حديثن جي شرح به پڙهڻ گهرجي. (احاديثِ مبارڪ پڙهي ڪري ڪنهن عاشق رسول عالم دين ۽ مفتي اسلام کان سمجهڻ بنا علاج نه ڪيو)

## هڏين سان علاج جا مدني گل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڏيون به الله پاڪ جون نعمت آهن ۽ انهن ۾ غذائيت به رکي وئي آهي. جيڪي ماڻهو گهر ۾ پچائڻ جي لاءِ بنا هڏي وارو گوشت خريد ڪن ٿا اهي پاڻ سان گڏوگڏ پنهنجي اهلخانه کي به الله پاڪ جي هڪ نعمت کان محروم ڪن ٿا. يقيناً الله غفار ڪا شيءِ بيڪار ناهي ناهي. هڏيون غذائيت سان گڏوگڏ دوا جو ڪم به ڏينديون آهن. طبيب ڪجهه مريضن کي هڏين جي

يخني پيئڻ جو مشورو ڏيندا آهن. اوهان کيئي پيرا هڏين جي يخني پيتي هوندي. البتہ خالص ٻوٽيءَ جو سوپ ڪڏهن نہ پيتو هوندو! هڏيون تمام گهٽيون اهم آهن، طبّي طريقي سان حاصل شده عرق جا انجيڪشن بہ مريض کي لڳايا ويندا آهن. جنهن کي هر چوٿين ڏينهن ٻُخار ايندو هجي اُن کي ڳِئونءَ جا سڱ پيسي ڪاڏي ۾ ملائي ڪارائڻ سان اللہ پاڪ جي حڪم سان شفا حاصل ٿي ويندي آهي. (حياة الحيوان الكبرىٰ، 219/1)

نہ ہو آرام جس بیمار کو سارے زمانے سے
اُٹھا لے جائے تھوڑی خاک اُن کے آستانے سے
نہ پہنچے اُن کے قدموں تک نہ کچھ حسنِ عمل ہی ہے
حسن کیا پوچھتے ہو ہم گئے گزرے زمانے سے

(ذوقِ نعت،ص214،215)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

